SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIX مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXIX OF 2013
# سنڌاسپيڪرز، ۽ ڊپٽي اسپيڪرز جون (پگهارن، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1975 ۾ دفعه 20 جو اضافو
Addition of section 20 in Sindh Act No.VII of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXIX مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXIX OF

# 2013

# سنڌاسپيڪرز، ۽ ڊپٽي اسپيڪرز جون (پگهارن، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 2013

# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 2013

[پهرين اپريل، 2013]

ايڪٽ، جنهن جي ذريعي سنڌ اسپيڪرز ۽ ڊپٽي اسپيڪرز جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ اسپيڪرز، ڊپٽي اسپيڪرز جون (پگهارون، سهولتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هن طرح تاهي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪرز ۽ ڊپٽي اسپيڪرز جون (پگهارون سهولتون ۽ مراعتون) ترميم ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.
(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1975 ۾ دفعه 20 جو اضافو
Addition of section 20 in Sindh Act No.VII of 1975

2. سنڌ اسپيڪرز، ۽ ڊپٽي اسپيڪرز جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 دفعه 19 جي بعد نئين دفعه 20 جو اضافو ڪيو ويندو.

"20. اسپيڪر جي لاءِ مراعتون ۽ سهولتون.

عهدي جي مدت پوري ٿيڻ تائين گهٽ ۾ گهٽ چار سالن جي لاءِ بطور اسپيڪر رهندڙ تاحيات هيٺين سهولتن ۽ مراعتن جو حقدارهوندو:

(i) ماهوار پگهار ۽ مراعتن جو 70 سيڪڙو؛
(ii) اسڪيل 17 جو پرائيويٽ سيڪريٽري؛
(نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيو ويندو)
(iii) اسڪيل 05 جو هڪ اردلي؛
(نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)
(iv) اسڪيل 04 جو هڪ ڊرائيور؛
(نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)
(v) اسڪيل 04 جو هڪ باورچي؛
(نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)
(vi) اسڪيل 01 هڪ مالي؛
(نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)
(vii اسڪيل 01 جو سينيٽري ورڪر؛
(نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)
(vii تاحيات پاليسي سيڪيورٽي؛
(ix) ماهوار ڏهه هزر ماليت جي لينڊ لائين ۽ موبائل فون سهولت؛
(x) ڇهه مهينن جي لاءِ 2400 سي سي ڪار.

**نوٽ:** ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي